# شعيب سلطان خان

## زندگي جي هر شعبي جو استاد

نڪي ڊي_لياڪو



ايشيا جا عظيم مرد ۽ عورتون ٻارن لاءِ ڪتابي سلسلو

# شعيب سلطان خان



## نڪي ڊي_ لياڪو

## زندگي جي هر شعبي جو استاد

ايشيا جا عظيم مرد ۽ عورتون
ٻارن لاءِ ڪتابي سلسلو

Bookmark

هن جي ناني کيس سيڪاريو هو تہ هميشہ ٻين ماڻهن جي مدد ڪندو رهجان. هن جي گرو سيڪاريو تہ غريبن جي ڳوٺن کي ڪيئن تعمير ڪجي. جيئن تہ هن شخص زندگي ۾ مختلف ڪم ڪاميابي سان ڪري ڏيکاريا. سو منهنجي خيال ۾ "خان" هر شعبي جو لائق استاد آهي.

"خان" پاڪستان جي غريب ڳوٺاڻين جي مدد ڪئي. انهي سان گڏ پري پري جي ملڪن سري لنڪا کان جاپان تائين ڳوٺاڻن جي زندگي جي مختلف پهلوئن جي سکيا ڏيئي سندن زندگي کي سنواريو ۽ سڌاريو آهي. اهو ماڻهو جنهن جو نالو "خان" آهي هن واقعي منهنجي زندگي کي متائي ڇڏيو.



هڪڙو ماڻهو جنهن جو نالو آهي "خان"، جنهن منهنجي زندگي تبديل ڪري ڇڏي.
"خان" تمام گهڻين صلاحيتن وارو ماڻهو آهي. هو پنج ٻوليون ڳالهائي سگهندو آهي. هو اسڪول ۾ انگريزي جو استاد ٿي رهيو. بعد ۾ هڪ جج ۽ ڪليڪٽر ٿي عوامي خدمت ڪندو رهيو. انهي سان گڏ هي شخص هڪ فلاسافر ۽ سماجي رهنما پڻ آهي. هي ڪچهري جو ڪوڏيو جبلن تي گذاريل ڏينهن، چيتن ۽ جهنگلي جانورن جي قريب ڪيمپون لڳائي رهڻ ۽ ڪار تي چڙهي ڏهن ملڪن جو سفر ڪرڻ جا داستان ڏاڍي شوق سان ٻُڌائيندو آهي.





آءُ پاڪستان جي اترئين علائقي جو نوڪدار جبلن جي هڪڙي پاسي رهندو آهيان. جتي اونهاري ۾ جتي گرمي ۽ سياري جي ايذائيندڙ شديد سردي اسان جي زندگي کي سوڙهو ڪري ڇڏي ٿي. شام ٿيندي ئي اسان جهڙو ڳر دنيا مان گُم ٿي وڃون ٿا. شاهراهِ قراقرم کان اڳتي سوڙهو ڏوڙ اُڏائيندڙ ڪچو رستو جيڪو منهنجي ڳوٺ ڏانهن اچي ٿو سڀ ويران ٿي وڃي ٿو. اهڙا ڳوٺ جتي بجلي نہ هجي ۽ روڊ رستا نہ هجن اتان ڪو باهمت شخص ئي ٻاهر نڪري شهر اچي ٿو. جنهن سُڄ ۾ آءُ رهان ٿو اُتي فقط ٻاڙي وارن سان ئي ملڻ جلڻ ٿيندو آهي. منهنجو گهر ڪچي زمين تي ٺهيل آهي، جنهن جي چوڌاري سَنها ڊگها وڻ آهن. جيڪي جڏهن جبلن جون ڇِپون ڪرنديون آهن تہ وڃي پَٽ تي پوندا آهن. آءُ غِذا ۽ ڪاٺين جي تلاش ۾ هر روز ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڀٽڪندو رهندو آهيان. منهنجا گهر ڀاتي اڪثر راتيون سيءُ ۾ خالي پيٽ ڏڪندي ڏڪندي سمهي پوندا آهن. منهنجي ٻاڙي وارن جي حالت بہ ڪا مختلف ناهي. ساڳئي، بک، سردي ۽ لاچاري.

هن اسان کان پُڇيو. ”هن ڳوٺ جون ضرورتون
ڪهڙيون آهن ۽ ماڻهن کي ڇا گهرجي“ هڪڙي
نينگر چيو اسان بکايل آهيون. اسان وٽ گهربل کاڌو
ناهي انهيءَ دوران هڪ ماڻهو چيو ”اسان غذا جي ڳولها،
ڪندي ڪندي ٿڪجي پيا آهيون. اسان کي گاڏين ۾
چاڙهي وٺي هلو. اسين شهر لڏي وڃڻ ٿا چاهيون“.
عورتن چيو ”پر اسان وٽ تہ پئسا ئي ناهن اسان شهر ۾
کاڌ خوراڪ ڪيئن خريد ڪري سگهنداسون، اسان
پئسا ڪٿان آڻينداسين“. هارين چيو. ”اسان کي خيرات ۾ ماني
يا رپيا نہ کپن. اسان کي زرخيز زمين گهرجي. هتي جي زمين بنجر
۽ ناڪاره آهي. جيڪي پوکيون ٿا سو سُڪي ۽ ختم ٿي وڃي ٿو“.



گلگت جي جبلن جي آس پاس اسان جهڙا هزارين انسان رهيا پئي. ڪنهن ٻہ اسان جي سارنہ ٽي لڏي. ڪنهن ٻہ اسان سان گڏجي ڪم ڪار ڪرڻ پسند نہ ٽي ڪيو سواءِ هڪ ماڻهو جي ۽ اهو ماڻهو آهي "خان". جڏهن هو گِلگِت ۾ آيو ۽ اهو سڀ ڪجھ ڏٺائين تنهن وقت سندس اکين ۾ هڪ چمڪ هئي. اهي ايئن ٽي چمڪيون جيئن برسات کان پوءِ جبلن تي پٿريون چمڪنديون آهن.



سبق پهرين ۾ آءُ، سِڪيس تہ ٻئي جي ڳالهہ ڪيئن غور سان ٻڌجي ۽ هفتيوار گڏجاڻي ۾ سيني جي راءِ سان ڪو متفق تي گڏيل فيصلو ڪيئن ڪجي. شروع ۾ ڪڏهن ڪڏهن منهنجي مٿي سور پئجي ويندو هو. سوچيندي سوچيندي آءُ منجهي پوندو هئس. روز روز نوان لفظ جهڙوڪ، "ڪيڙي لاءِ پاڻي جون لائينون ڻاهڻ" "اهڙا فصل اپائڻ جيڪي وڪڻي پئسو ڪمائجي" ۽ "پئسو ڪيئن ڪمائجي"، اهي ڳالهيون مون کي تہ پريشان ڪري ڇڏينديون هيون. وري ڪڏهن تہ گڏجاڻي ۾ بحث جهڙي نوبت اچي ويندي هئي، بيزاري ۾ دل چوندي هئي تہ گهر هليو وڃان. اهي سيئي ڪم جيڪي اڳتي هلي ڪرڻ بابت وڏيون ڳالهيون ٿينديون هيون تہ آءُ ذهن تي گهڻو زور وجهڻ بجاءِ اکيون پوري ڇڏيندو هئس.



تڏهن مون ڪُلي ڳالهايو ۽ کيس چيو "بابا ڳوٺ ۾ ته ڪجهه به ناهي. هتي ته هر شيءِ کپي، تون آخر اسان جي ڪيئن مدد ڪندين؟"

"آءُ وسيلا مهيا ڪندس، توهان جي مدد لاءِ پئسا ۽ ماڻهو به وٺي ايندس. "خان" جواب ڏنو ته ويٺل سڀ خاموش ٿي ويا. "پر توهان واعدو ڪريو ته سڀئي هر هفتي هڪ گڏجاڻي ڪندا ۽ اُتي توهان کي ٿي سبق سکڻا پوندا".







هوريان هوريان اندر ۾ احساس اڀرڻ لڳو ۽ گڏجاڻين ۾ اسان محسوس ڪيو تہ اسين سڀ هڪٻئي سان جُڙيل آهيون، جيئن اڳ ۾ اڃايل ڪيتن ۽ سُڪل کوهن اسان کي هڪٻئي ۾ جوڙي رکيو هو. مون سکيو تہ ٻيا سڀ ڳوٺاڻا منهنجا پنهنجا ڀائر ۽ ڀينرون آهن. مون کي سيني سان پنهنجائپ ۾ هڪ نواڻ ۽ تازگي محسوس ٿيڻ لڳي ننڍا ننڍا جهيڙا جهٽا ڪرڻ بعد بہ دل ۾ هڪ جذبو پيدا ٿيو تہ رُکي سُکي گڏجي ورهائي کائجي.

هڪڙي گڏجاڻي ۾ هڪ همراهہ چيو "برابر اسان جون گهرجون گهڻيون آهن ۽ هر ضرورت پنهنجي جڳهہ تي اهم آهي. پر سيني ڪمن مان اسان کي اول اهڙا ڪم شروع ڪرڻا پوندا جيڪي آساني سان ٿي سگهن ۽ جلدئي انهن مان سيني کي ڪو فائدو رَسي."

مون سَميت سيني گڏجي ڳالهہ سان اتفاق ڪندي پنهنجا ڪنڌ ڌُوڻيا. "تہ پوءِ سڀ کان اول اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي".



ٻئي سبق ۾، خان ڳوٺ جي متحرڪ ۽ سرگرم ماڻهن کي سيکاريو ته پوک لاءِ پاڻي جو نالين ڪيئن ٺاهجن، ٻج چُنڻ، ٻوٽن جي حفاظت ڪرڻ ۽ انهي سان گڏ جانورن جي پالنا ڪيئن ڪجي.

هن سيکاريو ته ڳوناڻا گڏجي گڏجاڻي جي ڪاروائي ڪيئن هلائين. هن اسان کي سامان کي وڪڻڻ جا گُر سيکاريا. ”خان“اهڙا ٻوٽا پاڻ سان گڏ کڻي آيو جيڪي گِلگِت جي جابلو نيم زرخيز زمين ۾ لڳائڻ لاءِ موزون هئا. مون اهي وڻ پوکيا، جڏهن مون انهن وڻن تي پهريون ميون جو فصل صوف ۽ زردالو ڏٺيون ته منهنجي خوشي جي حد نه رهي، هاڻي آءُ ٽئين سبق سکڻ تيار ٿي چڪو هئس.

”ڪا واٽ ڳوليون تہ ويران ۽ بنجر ٻنين کي وري آباد ڪرڻ لاءِ پاڻي جو بندوبست ڪريون“ مردن مُڙي عورتن ڏانهن ڏٺو اهو ڄاڻڻ لاءِ تہ سندن ڪهڙي راءِ آهي. ”اسان ڪجھ نوان فصل ۽ وڻ پوکيون جنهن مان اسان کي ڪاڏو ۽ رڌ پچاءُ لاءِ ڪاٺيون حاصل ٿي سگهن“. سيني غور ويچار ڪري ۽ صلاح مشوري سان پاڻي جي بندوبست لاءِ ڪجھ ذميواري فردن جي چونڊ ڪئي. اسان کي پوک لاءِ پاڻي جون لائينون جوڙڻ تي متفق ٿيندو ڏسي

”خان“ جي چهري تي مُرڪ اڀري آئي. هن سمجهيو تہ هاڻي ٻئي سبق شروع ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي.



هاڻي منهنجي خواهش هئي تہ ڪجهہ وڌيڪ غذا ۽ پئسا گڏ ڪريان، ”خان“ سيکاريو تہ رستن جي تعمير تي مزوري ڪري، وڌيڪ وڻ پوکي ۽ ٿلها متارا ڪُڪڙ پالي وڌيڪ پئسو ڪمائي سگهجي ٿو. منهنجي دنيا ۾ هاڻي زندگي جاڳي اٿي. جتي روشني هئي. ميون جا وڻ هئا ۽ ڳوٺ جا ماڻهو روز ڪنهن نہ ڪنهن نئين ترقي جي منصوبي تي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ لڳا. جبلن جي زمين ۾ نئين سج سان گڏ نوان ٻوٽا ڦٽندا ويا. هاڻي منهنجو پيٽ ڀريل آهي ۽ گهر ۾ ايتريون ڪاٺيون موجود آهن، جن کي ٻاري اسان سردين ۾ پاڻ کي گرم رکي سگهون. مون هڪ دفعو ڪانئس پڇيو تہ هو ٻين جي مدد ڪيئن ٿو ڪري، تہ خان وراڻيو ”ٿن سبقن سان“ اهي ئي ٽئي سبق جن منهنجي زندگي کي تبديل ڪري وڌيڪ بهتر بڻايو.



خان اسان کي فقط هڪ دفعو ڪجهہ رقم ڏني ۽ ٽئين سبق ۾ اسين سکياسين تہ ڳوٺ لاءِ پئسن جو هڪ ذخيرو ڪيئن قائم ڪجي. مون ٻين ڳوٺن ۾ وڃي صوف ۽ زردالو وڪڻي ڪجهہ پئسا ڪمايا. هاڻي مون کي احساس ٿيو تہ منهنجو ڪم ٻين هزارن ماڻهن سان لاڳاپيل آهي، جڏهن مون پنهنجي ڳوٺ مان نڪري جبلن وچان گِلگِت جي نون رستن تان گذري ٻين ڳوٺن ۾ وڃي ماڻهن سان ميل جول شروع ڪيو. مون پنهنجي ڪمايل پئسن مان ڪجهہ رقم بچائي ڳوٺ ۾ قائم ڪيل بينڪ ۾ جمع ڪرائي.

انهي گڏ ٿيل پئسن مان ضرورت مهل ڪجهہ پئسا اوڌارا کڻي مون ڪاروبار وڌايو ۽ نفعو ڪمايو. تڏهن مون کي احساس ٿيو تہ منهنجي زندگي سچ پچ بدلجي چُڪي آهي.





هڪ ڏينهن مون . ”خان“ کان پڇيو تہ آخر هو هر ڳالهہ جو استاد ۽ ماهر ڪيئن ٿي سگهيو؟. ”هڪ ٻئي انسان جنهن جو نالو پڻ. ”خان“ هو. هن منهنجي زندگي کي تبديل ڪيو.“ خان مُرڪي پيو. سندس اکيون چمڪندڙ ٻلورن جيان روشن هيون. ”اختر حميد خان منهنجو آفيسر ۽ هر ڳالهہ ۾ منهنجو استاد. هن مون کي سيکاريو تہ ماڻهن سان گڏجي ڪم ڪريو. نوان نوان هنر سِکي هر ماڻهو پنهنجي روزي پاڻ حاصل ڪري اهي ئي ساڳيا ئي سبق جيڪي مون توهان سان گِلگِت ۾ ونڊيا“. هن اکين جا ڇپر مٿي ڪَنيا ۽ بلڪُل سڌو منهنجي اکين ۾ اکيون وجهي ڳالهايو. ”هڪ ڳوٺاڻي رهنما جي حيثيت ۾ هاڻي تون بہ ٻين لاءِ سندن مسئلن جو حل ڪندڙ هڪ استاد ٿي سگهين ٿو“. هن ڇيو مُسڪرايو ۽ هڪ گِهرو اطمينان جو ساهہ کنيو. ”آءُ بس هڪ انسان شعيب سلطان خان جي نالي سان پنهنجي سڃاڻپ چاهيان ٿو“.



## شعيب سلطان خان

### ڪميونٽي رهنما جي مڃتا جو ريمون ميگسيسي ايوارڊ 1992ع

شعيب سلطان خان، جنهن کي ڪميونٽي جي رهنمائي لاءِ 1992ع ريمون ميگسيسي ايوارڊ سان نوازيو ويو، پاڪستان ۾ غريبن جي زندگي جي تبديلي ۽ ڳوٺن جي تعمير ۽ ترقي لاءِ پنهنجي سموري زندگي جاکوڙيندڙ شخص آهي. خان هندستان ۾ پيدا ٿيو ۽ سندس تربيت ۾ هن جي ناني جو خاص هٿ رهيو جيڪو هڪ سرڪاري آفيسر هو. هندستان جي صوبي اتر پرديش ۾ هميرپور ۾ دريا ڪناري تي هڪ مهل نماءُ وڏي گهر ۾ سندس ننڍپڻ گذريو. تعليم سان گڏ گهوڙي سواري ۽ لکيم پور ۾ شڪار جو شوق رهيو. هڪ گهڻ ثقافتي ماحول ۾ وڏو ٿيڻ ڪري. "خان" ننڍپڻ ۾ ئي آساني سان مختلف ٻولين ۾ مهارت حاصل ڪري ورتي. اردو، انگريزي سان گڏ هندي، پارسي ۽ بنگالي ڳالهائڻ سکي ورتو.

پنهنجي محسن ڏاڏي جي نقش قسمن تي هلندي "خان" کي پڻ سرڪاري نوڪري جو شوق پيدا ٿيو. لکنو يونيورسٽي مان انگريزي ۾ ماسٽرس ڪرڻ بعد پشاور اچي قانون جي ڊگري حاصل ڪيائين بعد ۾ برطانيا وڃي ڪيمبرج يونيورسٽي مان پبلڪ ايڊمنسٽريشن جو ڪورس ڪيائين. شعيب سلطان خان پنهنجي سچي عوامي خدمتن جو اعزاز پنهنجي استاد ۽ سنگتي اختر حميد خان (جنهن 1963ع ۾ پنهنجي سرڪاري نوڪري جي ڪارڪردگي تي ريمون ميگسيسي ايوارڊ حاصل ڪيو) کي ڏئي ٿو جنهن کيس ڳوٺاڻي ترقي جي علمي ۽ عملي سکيا ڏني. جيڪو برداشت ۽ بردباري ۾ يقين رکندي پر عزم هو تہ سچي پچي عوامي شرڪت سان اسان غربت کي سلسليوار گهٽائي سگهون ٿا. خان سڄي پاڪستان ۾ وڃي غريبن کي ڳوٺ جوڙڻ ۾ مدد ڪئي، خاص طور جي سرحد صوبي جي برفيلن جبلن جي وچ ۾ رهندڙ ماڻهن ۽ ڪراچي جي ڪچين آبادين جي بي گهر انسانن کي گهر اڏڻ ۾ مدد ڪئي. هن ضلعي ڪشتيہ (جيڪو هينئر بنگلاديش جو حصو آهي) ۾ پڻ ڳوٺاڻي ترقي جا ڪم ڪيا.

1983 جي شروعات ۾ آغا خان رورل سپورٽ پروگرام جي شروعات گلگت جهڙي جابلو علائقي ۾ ڪئي. جتي برفاني سردي اڙانگا رستا هئا ۽ اهو علائقو دنيا کان صفا ڪٽيل هو. کيس يقين هو تہ جڏهن ماڻهن کي ڪجهہ مدد ۽ رهنمائي حاصل ٿيندي تہ هو پنهنجي پيرن تي بيهي پنهنجا مسئلا خود حل ڪري وٺندا. هن ڳوٺاڻن سان سندن ڪم ڪار ۾ شريڪ ٿي کين قائل ڪيو تہ هو پاڻ ۾ گڏجي گڏيل مسئلن تي غور ويچار ڪندا، سيني جي راءِ سان گڏجي ترقياتي ڪمن جو بنياد وجهي هڪ گڏيل بچت جي رقم گڏ ڪندا جيڪا ضرورت مهل سيني کي ڪم ايندي. خان کين فقط هڪ دفعي شروعاتي امداد ڏني، ڳوٺاڻي ترقي جا ماهر ڪجهہ فرد ڳوٺ وارن جي مدد ۽ نگراني لاءِ موجود رهندا هئا جيڪي نوان رستا ۽ پلين لاءِ پاڻي جي نالين جوڙڻ ۾ ڳوٺ وارن جي رهنمائي ڪندا هئا. آغا خان ڳوٺاڻو مددگار پروگرام ٽن نقطن تي مشتمل هو.

1. ماڻهن کي منظم ڪرڻ 2. ماڻهن جي هنر مندي ۾ مدد 3. پئسا گڏ ڪرن

پهرين ٽن سالن ۾ آغا خان رورل سپورٽ پروگرام تقريبن هڪ هزار پروجيڪٽ مڪمل ڪيا. ست هزار ڳوٺاڻن کي وڻ پوکڻ، جانورن جي پالنا پئسن جو حساب ڪتاب رکڻ ۽ دڪانداري جي سکيا مهيا ڪئي. انهي سڄي سرگرمي مان 1400 کان وڌيڪ ڳوٺاڻن جي زندگي ۾ تبديلي نظر آئي لکين جبلن ۾ رهندڙ وساريل ماڻهن کي رستن ۽ پلين جي تعمير سان دنيا سان رابطي جو موقعو فراهم ٿيو ۽ 20 هزار ايڪڙ زمين تي ميون جا وڻ ۽ ٻيا قيمتي فصل پوکجڻ لڳا.

شعيب سلطان خان هڪ ڪرشماتي عوامي رهنمائي آهي جيڪو پاڻ دنيا کان ڪٽيل ڳوٺن ۾ وڃي ماڻهن سان ڪچهريون ڪندو آهي ،پنهنجائپ پيدا ڪري کين همتائيندو آهي تہ هو پاڻ سوال ڪن پنهنجا مسئلا ٻڌائين ۽ پنهنجا رايا ڏين. خان صاحب جو اهو پختو يقين آهي تہ ڳوٺاڻن جي اصل مسئلن کي اڳيان آڻيو تہ هو خود اها قوت رکن ٿا تہ پنهنجي زندگي کي بهتر بنائڻ لاءِ هو پاڻ جاکوڙيندا.

---

RAMON MAGSAYSAY AWARD FOUNDATION

هي ايوارڊ انهن ماڻهن کي ڏنو ويندو آهي جن پنهنجي ذات کي ٻين جي ڀلائيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هجي. انهن خصوصيتن جي ڪري صدر رامون ميگاسيسي کي ياد ڪيو وڃي ٿو. 1958ع کان ڏنو ويندڙ ساليانو ميگاسيسي ايوارڊ دنيا جي امتيازي ايوارڊن مان هڪ اهڙو ايوارڊ آهي.

ايشيا جا عظيم مرد ۽ عورتون ٻارن جي ڪهاڻين جو هي سلسلو The Bookmark, Inc ۽ ريمون ميگسيسي ايوارڊ فائونڊيشن جو هڪ شراڪتي پراجيڪٽ آهي، جنهن سان دنيا جي ٻارن کي حقيقي ۽ همٿ ڀري زندگي کان واقف ڪرڻ آهي ته جيئن هو پنهنجي ملڪ سان پيار ڪن، پنهنجن ماڻهن سان همدردي ڪن ۽ مضبوط ذاتي قدرن کي حاصل ڪرڻ لاءِ پرعزم رهن.



شعيب سلطان خان
ڪميونٽي رهنما جي مَجتا جو ريمون ميگسيسي ايوارڊ 1992ع



ISBN 978-969-9193-21-7
9 789699 193217
Bookmark